حصو–ب (مختصر جوابن جا سوال)

سوال نمبر2: . پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم اسلامي برادري بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو آهي.

سوال نمبر 3: امام جعفر صادق عليه السلام جا ڪهڙا شاگرد ٿي گذريا آهن

سوال نمبر4: يقين محڪم ڇا کي ٿو سڏجي؟

سوال نمبر5 ڇوڪري اُٺ جي هڏن مان ڇا ٺاهيا هئا؟

سوال نمبر6: ميرن جي دربار جو ذڪر ڊاڪٽر جيمس برنس ڪهڙي ڪتاب ۾ ڪيو آهي؟

سوال نمبر7 نوري جي قبر ڪٿي آهي؟

سوال نمبر8: سليم وڏيڪ ڇو نہ پڙهي سگهيو؟

سوال نمبر9: : هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ورندي - جدوجهد - ڇمار - رحلت

سوال نمبر 10 ڪي بہ چار اصطلاح لکو.

سوال نمبر11 ڪن بہ ڇهن ڪلمن جا نالا لکو:

سوال نمبر12 اسم عام جي تعريف ڪريو:

سوال نمبر13 هيٺين لفظن جا واحد ٺاهيو

موريون - علامتون - سنها - ڪپڙا

حصو– ج (تفصيلي جوابن جا سوال)

سوال نمبر14: هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مختصر مضمون لکو.

اسان جو پيارو وطن - مائي خيري - ڪينجهر ڍنڍ

سوال نمبر15: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر/هيڊ ماستريائي کي پنهنجي والد جي بدليءَ سبب اسڪول ڇڏڻ جي سرٽيفڪيٽ لاءِ درخواست لکو

يا

پنهنجي دوست کي خط لکو ڪيس پنهنجي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ شرڪت جي دعوت ڏيوس.

سوال نمبر16: هيٺين شعرن جي سمجهاڻي لکو:

(الف) اسان جي دين ,ايمان کي سلامت رک,خداوند.
بچائج تون مسلمانن جي عزت آبرو هر جا.

(ب) ڪڪائن گهرن کي تون روشن ڪرين ٿو
غريبن جي ڇونرن کي گلشن ڪرين ٿو.

سوال نمبر17: "حجتہ الوداع" سبق جو خلاصو لکو. يا

مشهور شاعر شاهہ عبداللطيف جا حالات زندگي لکو

سوال نمبر18. ڪن بہ ڇهن جملن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو